لاڙ ثقافتي ميلو
LAAR CULTURAL FESTIVAL

# لاڙ جو مطالعو

مرتب

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو / حيدرآباد سنڌ

١٤١١ھ / ١٩٩١ع

# لاڙ جو مطالعو

مرتب

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو - حيدرآباد سنڌ
پاڪستان
۱۴۱۱/۱۹۹۱ع

حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ.

ڇاپو پهريون ۱۹۹۱ع ۱۰۰۰ ڪاپيون

قيمت : چاليهہ روپيا
[Price Rs: 40-00]

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

ٽپال جي ايڊريس
جي. پي. او باڪس نمبر ۱۲، حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ عبدالغفار صديقي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ پڌرو ڪيو.

# سـڏـا


| | | |
|---|---|---|
| ناشر طرفان | ـ عبدالغفار صديقي | 4 |
| مهاڳ | ـ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 6 |
| ابوبڪر شيخ | ـ لاڙ تهذيب ۽ ثقافت جي آئيني ۾ | 9 |
| ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر | ـ لاڙ جي تاريخ جو هڪ وڃايل ورق | 18 |
| معمور يوسفاڻي | ـ ديبل کان راوڙ تائين | 32 |
| ڊاڪٽر سرفراز احمد پُني | ـ بدين ضلعي جون ٻه قومون جت ۽ ملاح | 39 |
| هدايت پريم | ـ سنڌي لسانيات ۾ محمد سومار شيخ جون خدمتون | 50 |
| ڊاڪٽر داد محمد خادم | ـ لاڙي محاوري جو لساني جائزو | 58 |
| ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو | ـ خواجہ محمد زمان جي زندگي جو هڪ فڪري پهلو | 79 |
| زيب نظاماڻي | ـ سنهي سڻي سپو | 89 |
| عبدالله ملاح | ـ سي جي ۽ جيارا ماڻهو هئا | 97 |
| ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ـ لاڙ ۾ ثقافتي سرمايو | 104 |
| ڊاڪٽر غلام علي الانا | ـ جت قوم، ان جي تاريخ ۽ سنڌ جي ثقافت ۾ آنهن جي ڪردار جو اڀياس | 111 |
| عبدالله ورياه | ـ محمد طور سومرن جو آخري تخت گاهه | 151 |
| ڊاڪٽر نواز علي شوق | ـ صوفي شاهه عنايت شهيد | 169 |

# ناشر طرفان

انسان جڏهن کان ڌرتيءَ تي قدم رکيو تڏهن کان اج تائين تاريخ جي ڪيترن ئي بابن جا ڪئين ورق ورِي چڪا آهن.

تاريخ، اسين قومن جي ادبي، ثقافتي، سياسي، اقتصادي ۽ سماجي زندگيءَ جي مطالعي کي چئون ٿا.

دور ماضيءَ ۾ ڪيتريون ئي قومون ٿي گذريون جن جي پنهنجي پنهنجي تاريخ هئي، جنهن مان ڪهڙين ئي قومن سبق حاصل ڪري پنهنجي مستقبل لاءِ رستو هموار ڪيو ۽ جن ان طرف ڌيان نه ڏنو، سي صفحہ هستيءَ تان هميشه هميشه لاءِ مٽجي ويون.

قومن ۽ ملڪن ۾ اسان جي سنڌ جي تاريخ به دنيا ۾ قدم ليکي وڃي ٿي، جنهن ۾ ڪيتريون ئي قومون آيون ۽ ويون، حاڪم به رهيون ته محڪوم به. الهن ڇا ڪيو؟ زندگي ڪهڙي نموني بسر ڪيائون؟ ڪهڙا ڪارناما سر انجام ڏنائون؟ اسان لاءِ ڇا ڇڏي ويا؟ اسين ايندڙ نسلن لاءِ ڇا ڪري رهيا آهيون؟ اهو سڀ ڄاڻڻ تاريخ جو مطالعو آهي.

هيءَ ڪتاب ”لاڙ جو مطالعو“ به سنڌ جي تاريخ جو هڪ ورق آهي، جنهن جو تعلق سنڌ جي هيٺئين حصي خصوصاً بدين سان آهي. هن ۾ ڪيترن محققن، دانشورن، عالمن ۽ اديبن جا مقالا ۽ مضمون آهن جيڪي لاڙ ثقافتي ميلي سال ١٩٩١ع جي موقعي تي پڙهندڙن جي دلچسپي ۽ معلومات ۾ واڌاري لاءِ خاص طور تي لکيا ويا آهن.

سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين محترمي عاليجناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جن هن ڪتاب جي اهميت کي مدنظر رکندي ان کي بورڊ مان ڇپائي پڌرو ڪرڻ لاءِ خاص هدايتون ڏنيون آهن. اميد ته هن ادبي ڪاوش مان پورو پورو فائدو حاصل ڪيو ويندو.

آءٌ پنهنجي رفيقن جو ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب کي وقت اندر ڇپي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي.

عبدالغفار صديقي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو.

ڄامشورو
١٢- مئي ١٩٩١ع

# مھاڳ

لاڙ ثقافتي ميلو ١٩٩١ع جي سلسلي جي ادبي سيمينار جا هي چند مقالا شايع ڪيا پيا وڃن، باقي مقالا انشاءالله ميلي ڪالپوءِ پڻ جلد ۾ شايع ڪبا.

هونئن ته سنڌ سڄي هيرن جي کاڻ آهي، پر لاڙ به هڪ ثقافتي ايڪائي آهي، لاڙ جي ثقافت، ادب، هُنَر ۽ فَنَ هن خطي کي لشالبر بنائين ٿا، اميد ته سيمينار جي روايت اڳتي به قائم رهندي.

آءٌ هن محبتن جي ميڙ جي سلسلي ۾ ضلعي جي انتظاميه خاص طور جناب محمد اشرف سيال، اسسٽنٽ ڪمشنر بدين جو ٿورائتو آهيان، جنهن نه رڳو ادبي سيمينار جو ڪم منهنجي حوالي ڪيو. بلڪ هر مرحلي تي سهڪار به ڪيو.

اميد ته پڙهندڙ هنن مقالن مان پورو پورو فائدو حاصل ڪندا.

والسلام

١٢-١-١٩٩١ع

- ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

پروفيسر ۽ چيئرمين

سنڌي ڊپارٽمينٽ

سنڌ يونيورسٽي

ڄامشورو.

# لاژجو مطالعو

واسطو اسان جي ٻاهرين ۽ ڏيکاءُ ڏيندڙ شين سان آهي. ٻيو لفظ آهي "ثقافت" انهيءَ جي معنيٰ ڪجهه هن ريت جڙي ٿي: علم، فن، ادب ۽ مهارت، ڪنهن شيءِ کي ڏسي سڪي وٺڻ، انهيءَ جو تعلق ذهن سان آهي. مطلب ته "تهذيب" جو واسطو "خارجي شين" ۽ "ثقافت" جو واسطو اندروني ذهني ڳالهين سان آهي (١).

تازين تحقيقن موجب جيڪڏهن اسين انهن ٻنهي شين جو جائزو وٺنداسون ته نقشو ڪجهه هن ريت جڙندو ـ سپ کان پهرين "ڪيمن" (Klemn) ۽ "ٽائلر" (Tylor) جيڪي معنائون متعين ڪيون آهن، انهن موجب: "ڪا قوم (يا اجتماع) جي سڄي عام زندگي جنهن ۾ رسم ورواج، فنون لطيفه، حالتون، امن ۽ جنگ، مذهب علم ۽ فن سڀ شامل آهن." "فلپ" (Philp) جي نقطه نظر کان: "ثقافت ڪنهن ميڙ جي داخلي ۽ خارجي روين جو نالو آهي، جن ۾ گهڻيون عادتون موروثي له بلڪ انهيءَ ميڙ پنهنجي خاص ماحول ۾، خاص عقيدن، فڪرن ۽ ٻين اثرن تحت پيدا ڪندو آهي ۽ انهن ۾ تسلسل هوندو آهي، انهيءَ مان اهو چٽيءَ طرح واضح آهي ته ثقافت هڪ اجتماعي عمل آهي، يعني اهڙو عمل جيڪو انهيءَ ميڙ ۾ سڀ هڪ جهڙو ڪندا هجن." جيئن ته ثقافت ٻيو نمبر ماحول (Second Euvironment) جو نالو آهي، انهيءَ لاءِ ظاهر آهي ته مختلف حالتن ۽ حادثن جي ڪري ماحول ۾ تبديلي هڪ قدرتي امر آهي، انهيءَ لاءِ ثقافت جي چُرپُر ۽ تبديلي به لازمي آهي. سائنسي طور حالتن ۽ حادثن کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: ١- ڪنهن نئين مذهب جو ظاهر ٿيڻ، ٢- ڪنهن نئين طاقتور جو حملو ۽ ان جي فتح جي صورت ۾ معاشري ۾ نون آيلن گروهن جي مداخلت، ٣- ڪنهن بااثر ۽ غالب قوم جي تهذيبي اثرن جي يلغار (٢). "ڪارٽر وي گڊ" (Corter, V. Good)

---

(١) پاڪستاني ڪلچر، جميل جالبي، ص ٢٨

(٢) "ڪلچر ڪا مسئله" ڊاڪٽر سيد عبدالله ص ١٦

فخر مان پنهنجو ڪنڌ ردم ۾ لوڏين ٿا. اهڙيءَ ئي ماحول ۾ دودي، شاهه عنايت ۽ دولهه دريا خان جهڙيون شخصيتون سرجن ٿيون.

الهيءَ ڪان وڏيڪ پيو ڪهڙو شاهوڪار ۽ عظيم "ڪلچر" ٿي سگهي ٿو، جتي لوڪ ادب جو اڻ کٽ سمنڊ موجود هجي، جتي جا لوڪ گيت اتي جي سرزمين مان ڦٽي نڪتا هجن ۽ الهن ۾ اضافي ۽ واڌاري جو عمل هزارين سالن ڪان، اڄ تائين ٿيندو هجي.

مٿين، لاڙ جي مختصر ثقافتي خاڪي ڪان پوءِ جيڪڏهن ائين ڪٿي چئجي ته سنڌ والسگر لاڙ جي ثقافت پنهنجي سيني ۾ وقت جون عظمتون ۽ زلدهه ثقافت جو جگر رکي ٿي ته غلط نه ٿيندو.



## مددي ڪتاب


1- Baluchistan through the Ages, Vol: I, Selection from Govt Record, Nisa Traders Quetta.

2- The Combridge Histoty of India, Vol: I, E. J. Rapson, 1922.

3- Chronobgical Dictionary of Sind, M.H. Panhwar Institute of Sindhology.

4- Encyclopedia of Brittannica, Vol: 14.

5- Encyclopedia of Americana, Vol: II.

6- Gazetteer of the Province of Sind, E.H. Aitken, Indus Publication Karachi.

7- History of the Arabs, P.K. Hitti, London, 1960.

8- History of Oceanography, Herold. Thurman, London.

9- India and the Indian Ocean, K.M. Panikkar, Mysore.

10- Imperial Gazetteer of India. Baluchistan, Sheikh Mubark Ali.

11- The Indus Delta Country, M.G M.R. Haig.

12- The Story of Civilization, Part: I, Will Durant.


## سنڌي ڪتاب


١- جنت السنڌ: رحيمداد خان مولائي شيدائي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

٢- جامع سنڌي لغات: جلد ٣، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

٣- رسالو شاهه عبداللطيف رح: ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، حيدرآباد سنڌ.

٤- سنڌ هڪ عام جائزو: ايچ. ٽي. لئمبرڪ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

٥- سنڌو ماٿر جي سڀيتا: محمد ادريس صديقي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

٦- قديم سنڌ: ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

٧- مير محمد معصوم بکري، سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

٨- لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ: خواجه غلام علي الانا، ڊاڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

٩- عرب و هند ڪے تعلقات (اردو): مولانا سيد سليمان ندوي، ڪريم سنڌ پبلشرز ڪراچي.



# ديبل کان راوڙ تائين

محمود يوسفاڻي

ديبل کان راوڙ تائين لاڙ جي ايراضيءَ مان محمد بن قاسم جو رستو آهي، جنهن بابت اسان جي عالمن ۽ اديبن ان کي اهڙو ته منجهايو آهي، جو ٿور پڙهيو ماڻهو اها واٽ ني ڳولا ٿو ليي، جو ان تان هلي ديبل کان راوڙ تائين چچ نامي ۾ بيان ٿيل قلعا ۽ ڪوٽ ۽ ڪس ڏسي سگهي. ان ڪري مون لاڙ جي هن ڪالفراس ۾ الهيءَ واٽ تان ڪس ۽ پنڌ چچ نامي جي روشنيءَ ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

محمد بن قاسم جي ڪاهه سنڌ اندر ديبل کان شروع ٿئي ٿي، جنهن بابت پڻ اسان جي عالمن جا رايا آهن، جن موجب ڪي عالم ڀنڀور کي ۽ ڪي ٻين ماڳن کي ديبل ڪوٺي منجهي پيا آهن. پر اڄ الهن مولجهارن کان هٽي، سادي سودي واٽ وٺندس جنهن بابت اسان جي مشهور بزرگ ۽ قديم دور جي شاعر شاهه حسين اهلائي جو هڪ دوهو شاهدي ٿو ڏئي ته ديبل الهيءَ هنڌ ٿي ٿي هو، جنهن ۾ فرمايو اٿس ته:

ديبل پاس ڪيلجي، آيو آب اپار.
مڪلي ماڳ مٿاهين، تيس ڏارو ڏار.

جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته پير پٺو ڀرين ديبل جو رهاڪو هو، جتي پاڻي اچڻ کان پوءِ اهو ماڳ ڇڏي، ان جي ويجهو مڪليءَ ٽڪريءَ جي ڏاکڻي چيڙي تي هليو ويو جيڪو ماڳ ديبل جي لڳو لڳ هو.

عرف شاهه طريل جي درگاهه موجود آهي، جنهن جي ويجهو ويهار جو نشان پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو (٧). جيڪو ويهار برهمڻ آباد واري ويهار سان ملندڙ جلندڙ آهي. هن قلعي واري ايراضيءَ جو نالو اڄ سڏجڻ ۾ اچي ٿو، جنهن پويان اهو قلعو اڄ ويهار ٽالي سان مشهور ٿيو، جنهن کي عربن اشبهار ڪوٺيو، هيءُ قلعو سٽن ڏينهن جي مقابلي بعد عربن جي قبضي ۾ آيو، جنهن کان پوءِ ماڙي وسايو ۽ ٻيا قلعا پڻ عربن جي قبضي ۾ آيا، جنهن کان انهيءَ ايراضيءَ جو قلعدار موڪو پٽ وسايو عربن جو طرفدار ٿي پيو ۽ ظاهري طرح پاڻ کي عربن جي هٿان گرفتار ڪرائي وڃي انهن سان مليو ۽ خفيه طرح انهن جي مدد ڪندو رهيو. جڏهن عربن جو لشڪر جهم واري ايراضيءَ ۾ هو، تڏهن اها خبر ملندي ئي راجا ڏاهر پنهنجي پٽ جسيه کي ڪنب جي قلعي ڏانهن موڪليو، جيڪو ڪنڪو لدي جو ڪپ ڏيئي ڪنب جي قلعي ڏانهن روانو ٿيو (٨). انهيءَ وچ ۾ عربن جو لشڪر، گاهه ۽ ڪاڌي جي کوٽ سبب سخت پريشان ٿي پيو ۽ گهوڙن ۾ اچي بيماري پئي ۽ سوار پڻ بيمار ٿي پيا. محمد بن قاسم اها خبر حجاج ڏانهن موڪلي، جنهن کين ٻه هزار گهوڙا ۽ ڪپهه سرڪي ۾ پچائي، سڪائي فوج ڏانهن موڪليو. جنهن بعد محمد بن قاسم موڪي جي مدد سان جهم جي کهيڙ دريا پار ٽپڻ لاءِ منتخب ڪيو، اهو جهم جو کهيڙ تعلقي ٽنڊي الهيار جي ٽپي چنبڙ جي ديهه ولڪي ۾ آهي، جيڪو هنڌ ليرون ڪوٽ کان ٢٥-٣٠ ميل اوپر ڏکڻ طرف آهي. جڏهن جسيه ڪنب جي قلعي طرف آيو، جيڪو قلعو عرب لشڪر جي پٺ کان ٿي ٿيو، جنهن کان حملي جو خطرو هو، تنهن ڪري محمد بن قاسم عطيه تغلبي کي پنج سؤ لشڪر ڏئي اگهاماٽي واري ايراضيءَ تي چوڪسي رکڻ لاءِ ڪند راه واري ماڳ تي مقرر ڪيو (٩). جيڪو ماڳ تعلقي ماتلي ۾ آهي، هن وقت اهو هڪ ديهه جي حيثيت رکي ٿو ۽ چوڌاري جيڪي ٻيون ديهون اٿس سي آهن: ديهه ڪوراڙ، ديهه ٻدرا مڏيالي، ديهه ڪاڙڪ، ديهه ڪاٽو ۽ ديهه

ڪرهل واري پٽ ۾ محمد بن قاسم جو لشڪر لاڙائي لاڙي ماڳ ۾ لٿو، جيڪو ماڳ لاڙ لڏي جي ڏيلتا وارو هنڌ آهي، جتي لاڙ لڏي ڪيترن ئي شاخن ۾ ورهائجي سمنڊ ڏانهن وهي ٿي، جيئن ڳاهي جي لاڙ، ڪنڊي جي لاڙ، آمر جي لاڙ، سومار جي لاڙ ۽ ڪولاچي جي لاڙ وغيره. ان سڄي جو مرڪز 'لاڙ جو پوڙو' مشهور آهي، جتي لشڪر لٿو هو، محمد بن قاسم جي مقابلي ۾ راجا ڏاهر جي فوج 'ڪجي جت' وٽ ديهه بکر چالديو ۾ لٿي هئي، جنهن ماڳ کي عرب عالمن ڪجو جت بدران "قاجي جات" لکيو آهي، پنهي لشڪرن جي وچ ۾ ٦–٧ ميل مفاصلو هو. پوءِ راسل جي صلاح سان عرب لشڪر لاڙائي ماڻ لڪري اتر طرف ڏاڏا واري پٽ ۾ وڃي لٿو ۽ سندن مرڪز ڪاري ڪپڙلي وارو پٽ هو، جنهن بابت ماموين اقيرن جو هڪ آکاڻو بيت مليو آهي:

جهيڙو لڳندو ڇهه پهر، ڪاپڙلي ڪاري،
سک وسندي سنڌڙي، مرمچي ماري (١٣)

ان وقت پنهي لشڪرن جي وچ ۾ هڪ وڏي ڇڇ هئي جنهن مان راسل پيڙين جي ذريعي عرب سپاهي ڇڇ کان پار ڪيا ۽ هر پيڙي ۾ ٣٠–٣٠ سپاهي سوار هئا. ان بعد پنهي لشڪرن جي وچ ۾ سخت جنگ لڳي، جيڪا جنگ پنجن ڏينهن بعد وڏي معرڪي کي پهچي ويئي جنهن ۾ راجا ڏاهر مارجي ويو ۽ سنڌ جي لشڪر هار کاڌي ان بعد عرب لشڪر راوڙ جي قلعي ڏانهن آيو.

راوڙ جو قلعو ولڪي واري ايراضيءَ ۾ ولڪي جي قديم کنڊرن کان اتر طرف پوڏاري لڏي جي ويڙهه ۾ هو، جنهن جي اوير طرف هاڪڙي ۽ مهراڻ جون قديم شاخون هيون ۽ اولهه طرف پوڏاري ۽ پوراڻ لڏيون هيون. هتان کان 'وڃوٽو' اٽڪل ١٠–١٢ ميل اوير طرف آهي. جيڪو محمد بن قاسم موکي کي جاگير طور ڏنو هو.

راوڙ جا کنڊر هن وقت به پن ميلن جي پکيڙ ۾ آهن، جتان منجنيقن جا گولا ۽ عرب دؤر جا سڪا وغيره ملن ٿا.

# حوالا ۽ واڌارا

١- تاريخ الخلفاء صفحو ٣٨٠، ڪلڪتو، بحوالہ تمدن سنڌ مصنف مولاني شيدائي صفحو ١٨٤.

٢- اها مسجد اڃان سلامت آهي ۽ ان جو فوٽو رسالي نئين زندگي فيبروري ١٩٨٠ع واري پرچي ۾ صفحي ١٧ تي ڇپيل آهي ۽ مسجد جي پر ۾ ايئل مينار يا ڏيوري جو فوٽو ماهنامي نئين زندگي مارچ ١٩٨٠ع واري پرچي ۾ صفحي ٤٤ تي آيل آهي.

٣- مخدوم امير احمد، چچ نامو سنڌي صفحو ١٥٦، ڇاپو پهريون سال ١٩٥٤ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

٤- عزيز جعفراني تاريخ سجاول صفحو ٥٣، ٩٥، ٩٩، ڇاپو پهريون سال ١٩٨٦ع محمد بن قاسم لائبريري سجاول.

٥- مخدوم امير احمد، چچ نامو سنڌي صفحو ١٦٢ ”حاشيہ“ ڇاپو پهريون سال ١٩٥٤ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

٦- مخدوم امير احمد چچ نامو سنڌي صفحو ١٦٥، ڇاپو پهريون سال ١٩٥٤ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

٧- الهيءَ ڏيوري يا ويهار جو فوٽو ماهنامي نئين زندگي جون ١٩٨١ع جي پرچي ۾ صفحي ٤٠ تي آيل آهي.

٨- مخدوم امير احمد، چچ نامو سنڌي صفحو ٢١٠، ڇاپو پهريون سال ١٩٥٤ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

٩- مخدوم امير احمد، چچ نامو سنڌي، صفحو ٢٢٣، ڇاپو پهريون سال ١٩٥٤ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

١٠- مخدوم امير احمد، چچ نامو سنڌي صفحو ١٥١، ١٥٢، ڇاپو پهريون، سال ١٩٥٤ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

١١- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهہ شريف جو ڪلام ميين شاهہ عنايت جي ڪتاب جي ڪلام ۾ صفحي ١٥٤ جي ”حاشيہ“ تي ڇاپو پهريون سال ١٩٦٣ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

١٢- راوي عبدالواحد عاصي هڪڙو، جنهن اهو بيت لغارين کان ٻڌو، جنهن کان مون قلمبند ڪيو.

١٣- ماموين فقيرن جو مشهور بيت جيڪو راجا ڏاهر ۽ محمد بن قاسم جي جنگ واري ميدان ڏانهن اشارو ڪري ٿو، اهو بيت مامُوين جي سٽن بيتن ۾ شامل آهي.

التنظام ڪندو هجي(۱). مـلاح جي لاءِ ٻيو لفظ آهي "صاريءُ". اهو لفظ زمانۂ جاهليت جي دوُر جي شاعر اعشي ميمون جي قصيده ۾ ملي ٿو(۲).

اهي سڀ ملاحن جون نـڪون يا ٻاڙا آهن، جيڪي اڄ به سنڌ ۾ موجود آهن.



(۱) "الملاّح الذّي يلي الشراع"

(۲) عربون کي جهازراني، ص ۸

# سنڌي لسانيات ۾ محمد سومار شيخ جون خدمتون

هدايت پريم

محمد سومار شيخ صاحب جن جي دلچسپي، سنڌي ادب جي گهڻن ئي پهلوئن سان هئي، سنڌي شاعري، ادب جي تاريخ، ثقافت جي تاريخ ۽ لوڪ ادب سان گڏ لسانيات ۾ پڻ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون اٿائين. سندس لکيل ڪتابن جو ڳاڻيٽو ٻن سون کان مٿي آهي، جن ۾ان چوٿائي کن سڀ ڇپيل آهن ۽ ٻيا قلمي نسخن جي صورت ۾ محفوظ آهن. (۱) هونئن تہ محمد سومار شيخ صاحب جي لکڻين ۾ سنڌي ٻوليءَ تي ڪافي ڪجهہ لکيل نظر اچي ٿو پر جن ڪتابن ۾ لسانيات جي حوالي سان ڪاوشون ڪيل آهن تن مان مکيہ طور هي آهن: ڪڇين جا قول، آريائي زبانون، سنڌي ٻولي ۵ هزار ورهيہ اڳ، سنڌي ۽ پراڪرت، سنڌي اور پراڪرت (اردو) سنڌي ۽ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ آوازن جا تبادلا.

”ڪڇين جا قول“ ڪتاب ۾ محمد سومار ”ڪڇ جي ٻوليءَ جي سري هيٺ، ڪڇ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ تي ڪوجهائي مضمون لکيو آهي، ڪڇي يقيني طور تي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ Dialect محاورو آهي. اهڙو اظهار محمد سومار ٻہ ڪري ٿو:

ڪڇي ٻولي اسان جي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ننڍو دفعو آهي ۽ اهڙو درجو رکي ٿو جهڙو سنڌ ۾ ٿري، لاڙي، اترادي وغيره لهجا رکن ٿا. (۲)

(٥) محمد سومار شيخ ـ سنڌيءَ ۾ آوازن جا تبادلا ص ٧٠
(٦) محمد سومار شيخ ـ سنڌي ۽ سنسڪرت (اڻ ڇپيل) ص ١٨٧٠
(٧) محمد سومار شيخ ـ سنڌي ۽ پراڪرت (اڻ ڇپيل) ص ٦٠
(٨) محمد سومار شيخ ـ سنڌي ۽ پراڪرت (اڻ ڇپيل) ص ١٨٠
(٩) ڊاڪٽر مهر عبدالحق ـ ملتاني زبان اور اسکا اردو سي تعلق، ص ٢٨٠
(١٠) محمد سومار شيخ ـ سنڌي ۽ پراڪرت ص ١١٣٠
(١١) محمد سومار شيخ ـ سنڌي ۽ پراڪرت ص ١٢١٠
(١٢) محمد سومار شيخ ـ سنڌي ۽ پراڪرت ص ١٢٣٠



”جيڊڻ“ (١). هن لفظ ۾ ”ڊ“ جو لفظ اڳيان ڦري وڃ تي استعمال ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ”ج“ جو حرف بدلجي ”ج“ طور استعمال ٿيو آهي.

اهڙيءَ طرح جڏهن اسان ڪجهه لفظن کي غور سان جاچينداسون ته انهن ۾ اسان کي لاڙي محاوري ۾ جهڱدالي ۽ فراڪي محاوري جهڙيون تبديليون به نظر اچن ٿيون. بلوچستان جي سبي خطي ۾ ”جڏهن“. ”ڪڏهن“ ۽ ”تڏهن“ لفظن کي هيٺين طرح استعمال ڪيو وڃي ٿو:

| معياري | اترادي | ماڇڪي | جهڱدالي | فراڪي |
|---|---|---|---|---|
| جڏهن | جڏهين | جڏين | جڏين | جڏي (٢) |

لاڙي محاوري ۾ ”جڏهن“ کي ”جڏين“، ”ڪڏهن“ کي ”ڪڏين“ ۽ ”تڏهن“ کي ”تڏين“ ڪري استعمال ڪجي ٿو يعني انهن لفظن جي ”هه“ جو اچار ”ي“ جي اچار ۾ بدلجي وڃي ٿو ۽ انهن جي وسرڳائي صورت بدلجي اوسرڳ تي وڃي ٿي.

هاڻ جڏهن اسان لاڙي محاوري جو لهجو جي روشنيءَ ۾ جائزو ٿا وٺون ته ان ۾ ڪجهه فرق محسوس ٿئي ٿو ڇو ته آسپاس جي ٻولين جي اثرن سبب جيڪو اثر پوي ٿو، ان جي ڪري لفظن جي جوڙجڪ ۾ فرق پئجي وڃي ٿو. اسان جي ٻوليءَ ۾ لهه، لهه، مهه، ڙهه، ٺهه، ۽ ڏهه، ڇهه اهڙا مرڪب حرف آهن، جن کي عام طور ته مرڪب چيو وڃي ٿو، پر حقيقت ۾ اهي مفرد حرفن جي حيثيت رکن ٿا، ڇو ته لکڻ وقت ته انهن جي ظاهري صورت ٻن جدا جدا حرفن

---

(١) الانا غلام علي ڊاڪٽر ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ١٩٧٧ع، ص ١٦٤

(٢) بروهي داد محمد خادم ”سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو“ پي ايڇ ڊي ٿيسز سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سال ١٩٩٠ع، ص ٣١٧.

پنهنجي ماحول مطابق استعمال ڪري ٿو. هيٺ اسين لاڙ جي معروف ۽ مقبول شاعر مولوي احمد ملاح مرحوم جي شاعريءَ جو مختصر لساني جائزو وٺنداسين. جنهن ۾ سنڌس ”ديوان احمد“ ۾ ڪجهه مداحون ۽ مناجاتون به شامل آهن.

مولوي عبدالله جوڻيجو، جن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جي صلاح مشوري ۽ هدايتن تي مولوي احمد ملاح جي غزلن جو ديوان سنه ۱۹۷۳ع ۾ بدين ڪان شايع ڪرايو (۱)، جيڪو سنڌي ادب ۾ هڪ سونهري باب جي حيثيت رکي ٿو.

مولوي صاحب هڪ ڪامل فن شاعر جي حيثيت سان سنڌ جي هڪ عظيم شاعر جو درجو ماڻي چڪو آهي. سنڌس شعر الهامي شعر جي حيثيت رکي ٿو، جيڪو سنڌس ئي علائقائي ٻولي لاڙي محاوري ۾ چيل آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب لکن ٿا ته سنڌس شاعري ۾ عربي ۽ فارسيءَ جا تمام گهڻا لفظ موجود آهن (۲).

سنڌس شاعريءَ ۾ ٿري، ڪڇي، ڪوهستاني، لاسي، فراڪي ۽ اترادي محاورن جون خوبيون به ملن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ ڪان علاوه هن اردو، سرائڪي، فارسي ۽ عربي زبان به گهڻي انداز ۾ استعمال ڪئي آهي، نه صرف اهو بلڪ سنڌس شاعريءَ ۾ بروهي ۽ بلوچي زبان جا لفظ به ملن ٿا، تنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو فارسي، عربي، اردو، سرائڪي، بروهي ۽ بلوچي زبانون به چڱي طرح ڄاڻندو هو.

سنڌس شاعريءَ ۾ سادگي، رواني، اثرانگيزي، احساسات جي ادائيگي، خيالن جي پاڪيزگي، لفظن جي موزونيت ۽ زور بياني جهڙجهي انداز ۾ موجود آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌس شاعري پوري سنڌ ۾ مقبوليت حاصل ڪري چڪي آهي.

---

(۱) مولوي عبدالله جوڻيجو، مرتب، ”ديوان احمد“ بدين سنڌ، ۱۹۷۳ع.
(۲) جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، ديباچو، ”ديوان احمد“، بدين سنڌ، سنه ۱۹۷۳ع، ص ۸.

( ٢ )

مسي ۾ ساهه جان آهين، ته سالبيئڙا منياريندس،
اجل جي ات "ٿيندم" ارواح تبه اوڏالهن اڏاريندس.

(ديوان احمد ص ١٥٠)

( ٣ )

عمر اسين پنهنجي ڏيهه ۾، هلون سج، چنڊ جي ساهي تي،
ڏيو ڏاتار جو منهن! کو لـ اڳ "پارينم" لـ پاريندس.

(ديوان احمد ص ١٥١)

( ٤ )

گل کم وٽ بي کمان، منهن وٽ، قمر کومائجي،
تير جيئن تارا "وڍيندم"، تر "سڏيندم" ترس ترس.

(ديوان احمد ص ١٥٢)

سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي محاورن ۾ لفظن پٺيان "آن" ٻڌاڙي ملائـي استعمال ڪئي ويئي ٿي، اترادي، فراڪي، جڳدالي ۽ ماڇڪي الهن محاورن ۾ شامل آهن. جن ۾ "آن" بدران "آئون" پچاڙيون ملائجن ٿيون پر مولوي احمد ملاح مرحوم لاڙي محاوري ۾ بہ ان قسم جا صيغا استعمال ڪيا آهن. مثلاً هن "قرب ڪان" يا "قربان" بدران "قربئون" "ڪان" بدران "ڪئون"، "الستئان" بدران "الستئون" طور استعمال ڪيا آهن. بيت آهن!

( ١ )

مون ڪي مجاز ماريو، پارٺ پيهار پاريو،
"قربئون" قريب ڪاريو، گهمرو مٿي غريبن.

(ديوان احمد ص ٢١٩)

( ٢ )

ڪٿي خام "ڪئـون"، اکيون پاس آيُ؟
ٻيئو پيانه چنبا، زلف لالن جي لڳـ.

(ديوان احمد ص ١٨١)

( ١ )

خير "لـاهـ" ڳـاڙس ڪنهن سخت سپ،
ڪه ورتو قلب زلف ڪاري جو ڪپ.
(ديوان احمد ص ٨٠٤)

( ٢ )

"لاهي" دعوي دم هڻ جي، دوستي دلدار جي،
سر تي شمشيرون شهادت، چڪنديون چوڏار اچ.
(ديوان احمد ص ٨٩)

( ٣ )

آهي اي الصاف تنهنجو، ڳهائيجين هٿ ڳان حبيب،
باب "لـاهين" برهه جي جو، تي پڇي بيزار اچ.
(ديوان احمد ص ٨٩)

مٿين ٽن بندن مان پهرين بند جي پهرين سٽ ۾ ملاح جن لفظ "ڪنهن" بدران "ڪنهين" استعمال ڪيو آهي جنهن ۾ حرف "ي" جو اضافو ٿيل آهي. انهيءَ طرح سان سنڌي ٻوليءَ جي ڦراڪي، جهنگالي ۽ ماڇڪي محاورن ۾ به "ي" جو اضافو ڪري استعمال ڪيا وڃن ٿا. مثلاً: انهن محاورن ۾ لفظ "جنهن" کي "جنهين" يا "جين" لفظ "تنهن" کي "تنهين" يا "تيين" لموني استعمال ڪجي ٿو. مولوي ملاح جن به "ڪنهين" کان علاوه "جنهن" لفظ ۾ به "ي" جو اضافو ڪري "جنهين" طور استعمال ڪيو آهي. مثلاً:

جنهن ڳان اڳي نه جڳ ۾ لالو نشان شوري،
اي حق هدايتون ٿيا حاصل "جنهين" حضورا. (١)

انهيءَ ساڳي بند ۾ هن پهرين مصرع ۾ "جنهن" کي معياري لمولي سان پڻ استعمال ڪيو آهي.

---

(١) بلوچ لبي بخش بلوچ "مداحون ۽ مناجاتون" س.ا.ب حيدرآباد ١٩٥٩ع ص ٤٠٨.

ڏاڍي سهڻي پيرايي ۾ استعمال ڪري مثال قائم ڪيو آهي، هي بيت آهن:

( ١ )

ڪيئن ٽليا ٽي ڍول منهنجا، ڍيل واري "ڍَول" سان،
رائي راڻي جي روش، رفتار جي ڏي ڪا خبر.
( ديوان احمد، ص ١٣٤ )

جڳت سارو نہ جالي مٽ، وڻس هرڪو حسن ۾ "ڳهٽ"،
سجايا تنهن سجڻ سج، چنڊ، ستارا آءُ تہ ڏيکاريانءِ.
( ديوان احمد، ص ٢٧٧ )

اهي ٻئي لفظ جيئن تہ بروهي ۽ بلوچي زبان جا آهن، پر ساڳي ئي معنيٰ ۾ لاسي، جدگالي، ڪوهستاني، اترادي، جنڊالي، فراڪي ۽ کيتراڻي محاورن ۾ بہ استعمال ٿين ٿا ۽ سنڌي ڳالهائڻ وارا اهن کي پنهنجي ٻوليءَ جا لفظ سمجهي آسانيءَ سان استعمال ڪندا آهن. اهوئي سبب آهي جو ملاح جن بہ اهن کي پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪري پاڻ کي ڳهٽيون ٻوليون ڄاڻندڙ شاعر ثابت ڪيو آهي.



٧- گربخشاڻي هوتچند مولچند (ڊاڪٽر): "مقدمہ لطيفي" ورسٽي
ببليڪيشن ڪراچي ١٩٧٧ع. ص ٥.
٨- جوڻيجو عبدالجبار (ڊاڪٽر): "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"
سره ڪتاب حيدرآباد. ١٩٧٣ع. ص ٨٩.
٩- دائود پوٽو عمر بن محمد (ڊاڪٽر): "ابيات سنڌي" سنڌي ادبي
سوسائٽي ١٩٣٩ع. ص ديباچو (دفعو پيو)
١٠- تحفة الڪرام: ص ١٤٣.
١١- جويو محمد ابراهيم: "شاهہ سچل سامي" سنڌي اديبن جي
ڪوآپريٽو سوسائٽي حيدرآباد ١٩٧٨ع (پيو ڇاپو) ص ٧٥.
١٢- الانا غلام علي (ڊاڪٽر): "لاڙ جي ادبي ثقافتي تاريخ" سنڌ يونيورسٽي
١٩٧٧ع. ص ٣٥٤.



### گل چٽڻ يا رنڱڻ:

ڪاني ۾ ڪپهه يا ڪپڙو ٻڌي ٻسيل رنگ سان ٻوڙي چيچ تي ڇٽ ڇٽين ۽ ٻوه سڪائڻ لاءِ رکن.

### ٽونڊڙ ٽانڪڻ:

وهان جي رسم لاءِ جوڙيل چيچ تي ٽونڊر، ٽڪون، ٻشر، ڇهڙي جي تندن سان ٽانڪين.

### پير:

چيچ جي قسمن ڪي پير ڇون گاگڙو (وڏو) ڪولڊو (اونهون) سڌو، تامسرو ۽ ٻاراٽو چيچ جا پير آهن.

### رسم ۽ رواج ۾ اهميت:

چيچ سانئن سوٽن جي ويل ڪم اچي. گل چٽڻ، تسو مٿڻ يا مٽ ڪولائڻ لاءِ آندل ڳارڪن ۽ ڪاج جو پيو وکر، پتاشا، نباتون لونگ ۽ ڦوٽا وغيره ٻه چيچ ۾ ڪٽي ريت ڪن انڪان سواءِ ٻڪي جي رسم ۾ پڻ چيچ اڳيرو ٿي نظر ايندو.



شمر، وقت جي حسين کي بي گناهه شهيد ڪري سنڌ کي ڪربلا ڪري ڇڏيو.

فاضل تو فراق ۾ دالهن ڪئي دريا،
ڏرتيءَ ڏولس مچايو، گنجي ۾ گجگاهه،
رنو رلي ڪوٽ، ۽ پيلن ۾ هڪي ٻاهه،
آهري لڪتي آهه، مڪلي موهن دڙي سنجهان.
(منشي)

موت لڳاڏي مات،
وري سج لهولهان،
راهوڪيءَ تي رات.
(شيخ اياز)

ڪروڙين پورهتين جي دردن جي دليائن ۾ ور ور جهاتيون پائيندڙ اکيون پورجي ويون! پورهيتن جا ڏک سالڊي وڏا ڪري ڏڙڪندڙ دل بيهي رهي! سنڌ جي لعيبن تي سوچيندڙ تاريخ ۽ زماني جي تخليقي دماغ سوچڻ ڇڏي ڏلوا!

مون ويندي تن جا پير ڏٺا، مون چا چا مڙس مٿير ڏٺا.
جي ڪئي سج آياري ويا، جي ڪئي سج سمائي ويا.



٤. قديم ڪتابن کي جيتن ۽ مٽيءَ جي ڪري تباهه ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ فيوميگيشن چيمبر (Fumigation Chamber) مهيا ڪيو وڃي.

٥. زبون ۽ ڦاٽل ڪتابن کي بچائڻ لاءِ ليمينيٽنگ (Laminating) مشين مهيا ڪئي وڃي.

آخر ۾ منهنجي گذارش آهي ته وس آهر موجود وسيلن مان ميوزيم کي مستحڪم ڪيو وڃي ۽ اُن جو انچارج ڪنهن چاڙهو ۽ هڏ ڏوکي ماڻهوءَ کي بنايو وڃي ته جئن اسان جو ثقافتي ورثو ۽ سرمايو محفوظ رهي ۽ ايندڙ نسل اُن مان فائدو وٺن.



# جت قوم، ان جي تاريخ ۽ سنڌ جي ثقافت ۾ انهن جي ڪردار جو اڀياس

ڊاڪٽر غلام علي الانا

ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو هي شعر ڪهڙو نه سهڻو آهي، جنهن ۾ هن سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ڪردار، اخلاق ۽ خصوصيتن جو نقشو چٽيو آهي. هُو فرمائي ٿو:

هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو،
هرڪا دل هيرن جي کاڻ،
چاڻي ڏس تون سهي اڻجاڻ.

سچ آهي ته سنڌ جو هر ماڻهو، موتيءَ جهڙي داڻي مثل املهه آهي ۽ سنڌ اهڙن هيرن جي کاڻ آهي، سنڌ جو هر خطو هيرا جواهر پيدا ڪري ٿو. هر علائقي جي خوبي پنهنجي پنهنجي آهي. هر خطو ڌار ڌار خوبين ۽ خصوصيتن سان مالامال آهي، هر خطي ۾ رهندڙ ماڻهو سهڻا ۽ سلوڻا آهن؛ فقط ڇا آهي جو اسان سنڌ جي ڌار ڌار خطن، ماڳن ۽ مڪانن، ڌار ڌار ماڻهن، قومن، قبيلن، انهن جي رهڻي ڪهڻي، انهن جي گذر و معاش، ريتن رسمن ۽ انهن جي تاريخي حال احوال جو ڪهڙو مطالعو ئي نه ڪيو آهي.

قومن ۽ قبيلن، ماڻهن ۽ ماڳن جي مطالعي مان، منهنجي مراد، سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ انهن جي ثقافت، ٻولي، لهجن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو اڀياس آهي. ماڻهن جي اڀياس جو موضوع انساني نسلن جي علم يعني (Ethnology) سان واسطو رکي ٿو ۽ انهن جي ٻولين، لهجن،

بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو:

"سنڌ ۾ ميرجت قبيلن جو اصل ماڳ سبي- لاڙي آهي، جتي شورڻ، جهل، لاڙي ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ سندن گهڻي آبادي موجود آهي، ازانسواءِ سنڌ ۾ هي قبيلا خاص طرح خيرپور، حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن ۾ آباد آهن. هنن قبيلن ۾ راوچي، هندوستاڻي، بيلساڻي، لاکاڻي، براهماڻي، ڪرمتي، مُنداڻي، سٽتاڻي، بياماڻي، ڪُنڊاڻي، تيجواڻي، سيتالاڻي، ڪُنڊڪاڻي ۽ بلنداڻي شامل آهن. اهي اڪثر جتن واري آڳاٽي ٻولي ڳالهائين ٿا.

لاڙ ۽ ڪڇ جي 'راڏن جتن' ۾ راڏا، شيهه، عامُرَ، لاکاڻي، ميناڻي، ارباڻي، وزيراڻي، مُنداڻي، جيئنداڻي، ربناڻي، ڀنيواڻي، ڏاتواڻي ۽ فقيراڻي وغيره قبيلا شامل آهن. انهن جي ٻوليءَ ۾ پڻ آڳاٽي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ فقرا رائج آهن(١).

خاص نقطو هيءُ آهي ته ڊاڪٽر بلوچ صاحب کان سواءِ ٻيا به ڪي ماهر جتن کي بلوچ نسل مان تسليم ٿا ڪن. ڪي دوست شاهه لطيف جي ڪلام مان مثال ڏيئي اها دعويٰ ڪندا آهن، ته لطيف پڻ جتن کي بلوچ ٿو قبول ڪري ۽ هيٺ سر سسئي آبري، سر معذوري، سر ديسي، سر ڪوهياري ۽ سر حسينيءَ مان ڪي بيت چونڊي مثال طور پيش ڪجن ٿا، جن ۾ شاهه لطيف پنهونءَ ۽ سندس ڀائرن لاءِ 'ٻانهي ٻروچن جي'، 'بلوچاڻي ٻاهه'، 'ٻاروچاڻي ٻاجهه'، 'ٻاروچو'، 'ٻاروچاڻا ٻار' ۽ اهڙا ٻيا ڪئين لفظ ۽ فقرا ڪم آندا آهن. اهي دوست، اهي لفظ دليل طور پيش ڪري اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته شاهه لطيف پنهونءَ ۽ سندس ڀائرن کي هڪ طرف 'جت' ٿو سڏي ته ٻئي طرف

---

(١) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ"، حوالو ڏنو ويو آهي، ص ٣٥ ۽ ٣٦.

ٻالهي ٻاروچن جي، ڪولي ڇڏ م ڪس(۱)

—

ٻچي ٻورج سسئي، ٻلوچاڻي ٻاھ.(۲)

—

وڃي ڪيچ ھُنياس، ٻاروچاڻي ٻاجھ سين (۳)

—

سڀ م پنھو ڀاڻ، پيو ٿاھ. ٻروچ ري (۴)

—

لکو ڪين لطيف چي، ٻاروچو ٻي ٻار

—

تو جو ٻول ٻروچ، ويھي ڪِيو وڪار م (۵)

—

ھوت پَروچي لاھ، ڪنين ڪُنَر ٻانيان

—

ٻالهي ٻاروچن جي، سگُ نہ ساھينديس (٦)

—

سڀ م ڀنھو ڀاڻ ڪينھ ٻئو ٻروچ ري (۷)

—

ٻاروچاڻا ٻار، توڙان ترس نہ سکيا

—

ٻاروچاڻو ٻار، سيوني سُواھ سين

—

ٻاروچن ٻاجھ کھڻي، آن ٿي ڇِلان ڇپرين

—

منھنجو ڪر واڪا، ڀڏڻ ڪر ٻروچ جو

—

متان چوه ٻلوچ تہ ڪميڻيءَ مان ڪين ٿيو

—

(۱) غلام محمد شھواڻي: ص ۳۸۲، (۲) ايضاً، ص ۳۸۵، (۳) ايضاً، ص ۳۸٦، (۴) ايضاً، ص ۲۹۲، (۵) ايضاً، ص ۴۰۹، (٦) ايضاً، ص ۴۰۸، (۷) ايضاً، ص ۴۰۹.

(ب) جت، آري، آريچا، اوٺي ۽ چار لفظ وارا بيت:

سسئيءَ ڪين سمجهيو اوري آريءَ ساڻ (۱)

—

جتن سان ذرو، ليھ لبيرڻ نہ ٿئي

—

ڪيهر ڪاچوئي، روڙ جوڳ جتن لءِ

ووڙهہ سپ وٽاڻ، يارَ ڪارڻ جتَ جي (۲)

—

رتيءَ جي رهاڻ، جي اڙايم جتَ سين (۳)

—

آري اکهاڙن کي، ٻنهو چار ٻراهي (۴)

—

ڏکا ڏونگر چار، بَرڪر معذورن تي (۵)

—

وينو ڏي ڏکين کي، ٻنهو چار ٻوچارا (٦)

—

سو ٻارج هوت، وريهي مون معذور سين (۷)

—

ويو چاڪائي جت، ويري ڪيہ ولات جو

—

سندو سورڻ خط، ڏنم هوت هٿن سين (۸)

—

ڏهلا مون کي ڏيه ڦٽا، ٻير چار چيون (۹)

—

ٻنهون چار، ٻترت سين، ويهي سو وَ وراهيو

—

نہ سمي، نہ سومري، نہ آئون جتَ، اوٺي (۱۰)

—

(۱) غلام محمد شهواڻي: ص ۳۸۰، (۲) ايضاً، ص ۴۰۹، (۳) ايضاً، ص ۴۱۱، (۴) ايضاً، ص ۴۱۲، (۵) ايضاً، ص ۴۱۳، (٦) ايضاً، ص ۴۳۰، (۷) ايضاً، ص ۴۳۳، (۸) ايضاً، ص ۴۳۳، (۹) ايضاً، ص ۴۴۹، (۱۰) ايضاً ص ۴۴۲.

اکيون آريءَ ڄام جون، نڌي سين آهن (۱)

—

اکيون آريءَ ڄام جون آهن انڌي ساڻ

—

ولي ڇُلي ڇپرين ڄام وڄاير ڄاڻ (۲)

—

آئي ٻڌا اونيين، موتي ڪي مين (۳)

—

ارڏا آريءَ ڄام ري، ڪذ ر ڪذ رهام (۴)

—

جيڏيون جا جڙ لائي، جيءَ جتن سين (۵)

—

عشق آريءَ ڄام جو، نباهي نيين

—

جتا شال جيو! جيو! تا جاڙون ڪرهو

—

جتن جا جيلا، تي سات ٻچائي مسئي

—

ويني ڳوڙها ڳاڙيان، تن ڄامن لاءِ ڄمار

—

آيس آريءَ ڄام جا، تڙ توڏا تيلا

—

الله آريچن ڪي، ڪوسو واءُ مَ وَڳ

—

لڏيندي لباس، جتن جيڏوئي ڪئو

—

اڇي آريءَ ڄام جو، وَڻ وَڻ منجهان واس

—

جتن ڪر جتن جو، آيا ڪي ايندا،

—

(۱) غلام محمد شهوائي: ص ۴۴۶، (۲) ايضاً، ص ۴۵۳، (۳) ايضاً، ص ۴۶۷؛
(۵) ص ص ۴۷۰، ۴۷۵، ۵۰۱، ۵۰۲، ۵۰۹، ۵۱۰، ۵۳۴، ۵۰۸، ۹۴۵.

جاڳائي جتن، گورا ڳس هلائيا

—

ڪيچان آيو قافلو، ڄامڻ سنڌو ڄام

—

عشق آريءَ ڄام جي، ڪيس لڳائي نيهه

—

جتن جي ضرور، مادر ماري آهيان

—

آهي آريءَ ڄام جي، هيت هُت حوالي

—

اسين ٻاڻ ٻروچ، پورهيت پنهوءَ ڄام جا

—

آتي آريءَ ڄام جو، قاصد آيس ڪوءِ

—

جتا شال جيو آن جو ڪنين مدو مَ سٺان

—

شاهه جي رسالي مان مٿي ڏنل مصرعن مان ثابت ٿو ٿئي ته شاهه صاحب جتي 'ٻروچ'، 'ٻاروچ'، 'ٻاروچو'، ۽ 'ٻاروچاڻا ٻار' لفظ ۽ فقرا ڪم آڻدا آهن، آتي 'آري'، 'آريچن'، 'اوٺي'، 'جت'، 'پنهو ڄام'، 'ڄام'، 'آري ڄام'، 'هوت' ۽ 'ڄامن سنڌو ڄام' جهڙا خطاب ۽ لقبن وارا لفظ ٻه ڪم آڻدا آهن، جيڪي سمات قبيلن يا غير بلوچ قبيلن لاءِ ڪم آڻدا ويندا آهن. مٿيارين ۾ رهندڙ سنڌ جي سمن سيدن جي سردار کي 'ڄاموٽ' سڏيندا آهن. اهو لفظ يا لقب خاص طور الهن سيدن لاءِ ڪم آڻدو ويو آهي، ۾ ڪنهن بلوچ يا بلوچ سردارن لاءِ 'ڄام' يا 'ڄاموٽ' لفظ يا لقب ڪم نه آندو ويندو آهي.

پيو توجهه طلب نقطو هي به آهي ته لطيف هڪ ٻاسي پنهو ۽ سندس ڀائرن کي 'بلوچ' ۽ 'ٻاروچا' ٿو سڏي ته ٻئي ٻاسي آريجا، 'ٻرفت'

۽ 'بروهي' بہ ٿو ڪوني؛ مثال طور شاهہ صاحب جو هي بيت ملاحظہ فرمايو:

جبل جيڏوئي، آڏو آريچن ڪي،
وٽي وَرُ واٽ وٺا، بُرفتَ، بروهي،
رُڃن ۾ روئي، پسان شال پهوءَ ڪي (١).

سنڌ جي تاريخ جي ڄاڻن ۽ 'نسل جي علم' جي ماهرن کي معلوم آهي تہ آريچا، بُرفت ۽ بروهي بلوچ نسل مان نہ آهن. ثابت ٿيو تہ شاهہ صاحب جتن کي بہ بلوچ ان ڪري سڏيو آهي جو اهي، بلوچستان جا رهاڪو آهن. خود ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ مان بہ اهوئي ظاهر ٿئي ٿو.

هن ساري بحث مان هي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ جت، ڪنهن بلوچ نسل مان نہ آهن، پر بلوچستان جي رهاڪو هجڻ جي ڪري، بلوچستان جي جتن کي بہ بلوچ سڏيو ويو آهي.

هن ڏس ۾ مشهور ايٿنالاجسٽ، محترم بيليو (Bellew) جتن کي بلوچ لٿو ڪوني، پر هن جي خيال موجب جَت، سنڌو ماٿر جي هيٺين خطي جا اصلوڪا رهاڪو آهن ۽ هت ڪٿان بہ ٻاهران ڪونہ آيا، بلڪ هتان ئي پين پاسن طرف پکڙيا. بيليو پنهنجي مشهور ڪتاب The Races of Afghanistan ۾ لکي ٿو:

”جَت، ڪئي ۽ سٿيا، اصل سنڌو ماٿر جا رهاڪو آهن، جيڪي هندو ڪش جبلن ڏانهن لڏي ويا هئا. يورپي ماهرن جي خيال موجب جَتَ (Gaetes) ۽ ڪئي (Catti) هن علائقي ۾ وڏي تعداد ۾ نظر اچن ٿا. جتن کي هاڻ هت (افغانستان ۾) 'گوجر' سڏيندا آهن“ (٢).

(١) غلام محمد شهواڻي: حوالو ڏنل آهي، ص ص ٥٢، ٥٢٤، ٥٢٨، ٥٢٩ ۽ ٥٣٠

(2) Bellew, H. W., "The Races of Afghanistan" Reprint, Lahore, Sange-Meel Publications, 1979, p.2.

وارن علائقن ۾ پکڙجي ويا ۽ اتي ئي ويهي رهيا. هت هن قوم (جدگال) جا گهڻ ۾ گهٽ چاليهه پاڙا رهن ٿا(۱)."

سنڌ جو مشهور مورخ، جناب مولائي شيدائي لکي ٿو:

"راءِ گهرائي جي حاڪم راءِ ديوائج (ديوراج) جي حڪومت واري زماني ۾، جدگال سنڌ جي فوج ۾ هولدا هئا. پنجين صدي عيسويءَ ڌاري ' سفيد هڻن' (White Huns) بلوچستان ۾ آيا، انهيءَ زماني ۾ جت قبيلا پڻ گهڻي تعداد ۾ بلوچستان ۾ اچي آباد ٿيا ۽ عربن جي ڪاهن وقت يعني ستين صدي عيسويءَ ۾ بلوچستان ۾ ميد ۽ جت قومون گهڻي تعداد ۾ آباد هيون. ميد ڏکڻ ۾ سمنڊ جي ڪناري تي آباد هئا ۽ جٽ (جدگال)، ڪڇي، لس بيلي ۽ مڪران ۾ آباد هوندا هئا(۲)."

جناب مير احمد يار جي راءِ موجب جدگال، بلوچستان واري علائقي ۾، بلوچ قبيلن کان اڳ آباد ٿيا هئا. هو لکي ٿو:

"اها مڃيل حقيقت آهي ته بلوچ قبيلا، بلوچستان جا اصلوڪا رهاڪو نه آهن، پر مڪران ۽ بلوچستان ۾ بلوچ قبيلن چوٿين صدي عيسويءَ کان اچڻ شروع ڪيو. بلوچ قبيلن جي اچڻ کان اڳ هن علائقي ۾ دراوڙ، عرب، ايراني، بروهي، راجپوت ۽ جدگال گهڻي تعداد ۾ رهندا هئا(۳)."

بلوچستان ڊسٽرڪٽ گزيٽيئر ۾ ڄاڻايل آهي ته:

"جنهن زماني ۾ ابن حوقل مڪران پهتو هو تنهن زماني ۾

---

(1) Sigrid Westphal, 2, p. 104.

(۲) مولائي شيدائي: جنت السنڌ، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۸ع، ص ۰۲۲.

(2) Mir Ahmed Yar Khan, "Inside Baluchistan", a biography, Karachi, Royal Book Company, 1977, p. 143.

سنڌ جو برهمڻ حاڪم چچ، جتن جو وڏو دشمن هو. جتن ۽ لوهاڻن جو مان گهٽايائين ۽ ڪيترن جتن کي غلام بنائي، پنهنجن اميرن جي درن تي پانهن طور مقرر ڪيائين. ڪيترن ئي جت خالدانن ۽ قبيلن جي سردارن کي گرفتار ڪيو ويو هو. انهن کي برهمڻ آباد واري قلعي ۾ قيد رکيائين؛ آخرڪار هيٺين شرطن تي انهن کي آزاد ڪرڻ قبول ڪيائين (١) :

(i) هُو پاڻ سان ڪوبہ هٿيار ۽ تلوار وغيره ڪونہ کڻندا ۽ نہ وري پاڻ وٽ ڪو هٿيار رکندا.

(ii) هُو (جت) ڪڏهن بہ مخمل يا ريشم جو ڪو پڙڪيدار لباس ڪونہ پائيندا ۽ نہ وري شالون ڍڪيندا.

(iii) هُو (جت) پنهنجن گهوڙن تي ڪنهن بہ قسم جا سنج ڪونہ رکندا ۽ انهن (گهوڙن) جي اگهاڙن پٺين تي چڙهندا.

(iv) هُو پنهنجا مٿا ۽ پير هميشه اگهاڙا رکندا.

(v) هُو جڏهن بہ پنهنجن گهرن کان ڪٿي ٻاهر ويندا تہ پاڻ سان ڪتا ڪٺي ويندا تہ جيئن سندن سڃاڻپ ٿي سگهي.

(vi) هنن کي جڏهن بہ ڪو جاسوس يا سولهون مقرر ڪبو، تڏهن هُو پنهنجا فرائض وفاداريءَ سان بجا آڻيندا.

چچ جي مرڻ کان پوءِ، ڏاهر جي ڏينهن ۾ بہ جتن سان ساڳيو رويو اختيار ڪيو ويو. هنن لاءِ هيٺيان حڪم صادر ٿيا (٢) :

( i ) هُو ريشمي يا پڙڪيدار ۽ رنگدار لباس ڪونہ پائيندا.

( ii ) هُو ڪاري رنگ جي ڪپڙي جي گوڏ ٻڌندا.

(iii) پنهنجي ساڄي ڪلهي تي ڪپڙي جو ٽڪر رکي هلندا.

اهڙن ظالمانہ حڪمن ۽ برتاءَ جي ڪري جت سردار ۽ قبيلا اندر ئي اندر سندن (برهمڻ حاڪمن جي) خلاف هوندا هئا ۽ انهن

---

(1) Kalika, p. 14.

(2) Ibid. Op. Cit., p. 15.

جاڏي = سخت
ڀاڄَ = ڀڄايل
ڏوراٺا = ڪاوڙجي
آپ = پنهنجون
ٻهون = گهڻو
توءِ = تنهنڪري
ڪيٺانِ = ڪٿان، ڪين
ڇاڪَ = طاقت
ڀُرڪڻا = لڙون
لُسڪڻ = رَنڊڪ
چؤلہ = چاهہ، چاهت
آڏاٽي = ڀڙڪي
مسڪر = مناسب
ڦڙ = پيرن جا پب
ٻنگ = رڪاوٽ
ڏاهہ = ڏانهن
ڏٽي = چوندي
ٻلٽرَ = آبهر
ڀڄاڙي = ڦٽڪي
آن = آءٌ
جتي = ڏوري
تٽي = چِڪ، سِڪ
مونهين = مون ڪان
گهمائي = ڦنوائي
سُپڪ = ٻوري ٻڪل
اهائين = هتان
ڳترهي = اوري

ڪجاهہ = اوهين ڪجو
سُهيلي = سنئو همراهہ
آپڙي = ڪجي
پتيرَ = زال، جوءِ
توري = گهمائي
ٺهرَ = آرام
ٺوپ = قرار
ولاڙون = وڏيون پرالڳهون
رِيهَ = رڙ
وِڪَ = ڪُوڪَ
والڪي = ٻڌي
هيرَ = هينئر
چتُر = رهڻ، رهجائڻ
داڦ = ڪول مول
دوڪ = پنجن ڇهن سالن جو آٺ
پالچار = ڦوه جوان آٺ
نيش = پورو جوان آٺ
ڪيهي = ڪهڙي
ويساهين = ساهي
منها = مون ڪان
آئين = اوهين
مناءَ = من تان
متس = پيچرا جي اڇا تازو آئن لتاڙيا
لون = هيناهين زمين
چمر = ڪتڪر
باتاڙي = بطال
پرَيون = پرديسي

آلُوڙو = ڪهيرت
اوپالا = ڏوراپا
آڪتي = آکري ويئي
تَپ ِ= تہ بہ
ڳالهُو = خبر، ڳالهہ
وائو = ذڪر، بيان
تي = تنهنڪري
ڏيئي = واقفيت
ڪيِئن ِ= ڪيڏالهن
چُنچاتَ = سوسات
رَتو = ڳاڙهو
امڻ = امڙ
توء = تڏهن بہ
ڏِتَ = ڏنا
مَتنا = دل تان
چُڪيء = ٿَڪل
ڊُوهي = سونهن، قسم
ٻَرَ = چنڊ و
آهجي = اوهان جي
ڳِيڙَء = ورت ء
ميڙَلَ = منزل
الاهَرَ = الله جي آذار

چُنديس = چونديس
آپاتو = اوٿتو
آن = اوهان
ٽونڪار = ڳنگهہ جو آواز
آنء = آن موجب
توهان = توهان ڪان
چوء = چَوي
سيٺانِ = هنن سان/سائين
ڪيٺانِ = هنن لاء
پيرا = ٽڪر ٽڪر
ڏِنان = اوهان ڏلو
چيان = اوهان چيو
هُيان = اوهان جي هجي ها
اوهان ڪي هجي ها
ڪَيان = ڪريو ها
کهَيا = خوشيون
چان = آءٌ چوان
چُون = هُو چَوَن
هُون ِ= هُجَن
پُون = پَوَن
ڪيڻ = ڪڏالهن
ڪچاڙو = چا.

بهرحال جيئن جتن جي باري ۾ هي تعارفي مقالو لکيو ويو آهي، تيئن لهايت ئي مناسب ٿيندو تہ لاڙ ۾ رهندڙ ٻين قبيلن ۽ قومن توڙي نسلن جي باري ۾ بہ تحقيق ڪرڻ گهرجي تہ جيئن سنڌ ۾ رهندڙ سيني قومن ۽ نسلن جو اڀياس مڪمل ٿي سگهي.

# ببليو گرافي


(١) پروفيسر گدوانِي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي جي زيارت، گاللڏي لکر، ڳجرات سنڌي اڪادمي، ١٩٨٩ع، ص ص ٩٨-١٠٠.

(٢) غلام علي الانا، ڊاڪٽر: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ١٩٧٧ع.

(٣) ايضاً، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڇاپو پيو، ايضاً، ص ص ١٤٤-١٤٥.

(٤) غلام محمد شهوائي: شاهه جو رسالو، حيدرآباد، ١٩٥١ع.

(٥) مولائي شيدائي: جنت السنڌ، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٨ع، ص ٢٢.

(٦) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڇاپو پيو، زيب ادبي مرڪز، ١٩٨٠ع، ص ص ٢٤-٣٦.

(7) Balochistan District Gazetteer Series, Vol: VII, Makran, Karachi, The Time Press, 1907, pp. 41-72.

(8) Bellew, H. W., The Races of Afghanistan, Reprinted, Lahore, Sang-e-Meel Publications, 1979, p. 21.

(9) Elliot, H., "History of India", Vol: I, pp. 14, 449 and Vol: II, p. 247.

(10) Hunter, W. M., Imperial Gazetteer of India, Vol: IX, Second Edition, 1881, p. 44.

(11) Kalika-Ranjan Qanungo, "History of the Jats", Forward by Jadunath Sarkar, Delhi, India, Sunita Publications, 1989, p. 5.

(12) Mir Ahmed Yar Khan, "Inside Balochistan", a biography, Karachi, Royal Book Company, 1977, p. 143.

(13) Mirza Kaleech Beg, "History of Sindh", pp. 124 and 137.

(14) "Punjab District Gazetteer", Vol: XXIX - A, Attock District, Lahore, Punjab Government, 1907, p. 92.

(15) Sigrid Westphal, Dr., and Heinz Westphal, Dr. "Jats of Pakistan", Berlin, Dunker and Humbolt, 1964, pp. 52 55 and 88-898, 104.



# محمد طور

## سومرن جو آخري تخت گاهه

عبدالله ورياهه

سنڌ جي سرزمين طبعي طرح سان پنجن حصن ۾ ورهايل آهي. سنڌ جا ماڻهو صديءَ کان انهن حصن کي، سندن طبعي نالن سِرو، وچولو، لاڙ، ڪوهستان ۽ ٿر ڪري سڏيندا آهن، هونئن ته سنڌ جو هر حصو پنهنجي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جي ڪري تمام اهم آهي. پر سنڌ جي لاڙ واري حصي کي هر دور ۾ خاص اهميت حاصل رهي آهي، جنهن جا ڪيترا سبب آهن. لاڙ جي آبهوا سنڌ جي ٻين علائقن نسبت وڌيڪ ٿڌي آهي. لاڙ جي سرزمين سرسبز ۽ آباد رهي آهي.

مقامي تحريڪن ۽ حڪومتن جا مرڪز لاڙ ۾ قائم ٿيندا رهيا آهن. لاڙ جا قديم شهر ٺري، وڳهه ڪوٽ، روپا ماڙي، محمد طور، ساموئي ۽ ٺٽو، انهن ۾ اهم ۽ قابل ذڪر آهن. سومرن ۽ سمن جا مٿي ذڪر ڪيل مرڪز لاڙ جي اهميت کي وڌائڻ لاءِ ڪافي مثال آهن، جيڪي عربن جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ مقامي سومرن ۽ سمن حاڪمن هٿان آباد ٿيا ۽ پنهنجو اوج ماڻيائون.

سنڌ جي تاريخ جي ڪيترن ٻين بابن وانگر "سنڌ جي سومرا حاڪمن جي دؤر" بابت به ڪا مڪمل تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ اڃا ٿي سگهي آهي، جنهن جي آڌار تي هن دؤر جي ماڻهن، حاڪمن، شهرن، علم و ادب ۽ ٻين واقعن بابت پڪ سان ڪجهه چئي سگهجي.

لري ۽ محمد طور جو ذڪر ڪيل آهي اهو ممڪن نه آهي ته سومرن جا ٽيئي تخت گاهه هڪ ئي وقت موجود هجن. ان ڪري هن بيان کي صحيح سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

تاريخ طاهري جي مصنف سيد طاهر محمد نسياڻي (١٠٣٠هه/ ١٦٢١ع) به محمد طور جو قتل شهر ڏٺو هو. هو لکي ٿو ته: "سومرن جي گادي‍ءَ وارو هنڌ محمد طور (ماهر طور) جيڪو اڄڪلهه ويران آهي ۽ دڙڪ پرڳڻي ۾ ليکيو وڃي ٿو. اهو نه رڳو مون، پر اهي‍ءَ پاسي جي ٻين ڪيترن ماڻهن پڻ ان شهر ويران جا آثار ڏٺا هئا ۽ سڀ ڪنهن کي ان جي پوري ڄاڻ آهي. ان جي ويران ٿيڻ کان پوءِ هتان جا رهاڪو لڏي پلاڻي وڃي ساڪري واري پرڳڻي ۾ اچي اڏي ويٺا، جيڪو سمن ڄامن جو آباد ڪيل هو. ان ڳوٺ کي به محمد طور جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

هي شهر ۽ هتان جا ڳوٺ، جيڪي هڪ هزار ورهين کان آباد ٿي آيا، تن جي تباهيءَ جو ڪارڻ اهو آهي ته مشهور درياهه هاڪڙو، جيڪو اروڙ کان اچي وڏي، پوکون آباد ڪندو هو ۽ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو، پر اروڙ جي بند ٻڌجڻ کان پوءِ هيءُ شهر محمد طور ويران ٿي ويو.

مير علي شير قانع ٺٽوي (١١٨١هه/١٧٦٧ع) سومرن جي تختگاهه محمد طور بابت لکي ٿو ته: "سلطان علاؤالدين جي لشڪر جي حملي جي نتيجي ۾ سڀڙ سومرو سردار مارجي ويو. ٻين کي محمد طور شهر ۾ رهڻ جي طاقت نه ٿي ۽ لاچار ڪڇ ڏانهن هليا ويا. محمد طور شهر ويران ۽ برباد ٿي ويو هو، تنهن ڪري سمن ساموئي ۽ ٻيا نوان شهر آباد ڪيا ۽ محمد طور شهر کي، جيڪو دڙڪ جي پرڳڻي ۾ هو، منحوس سمجهي ڇڏي ڏنائون."

ساڪري پرڳڻي ۾ محمد طور ثاني آباد ٿيو، جنهن کي پوءِ رسول آباد پڻ سڏيو ويو، ان جي بجاءِ پوءِ کوڙيءَ جو ڳوٺ وسيو آهي.



محمد طور جي ڪلام پاڪ جو پهريون صفحو.



محمد طور جي ڪلام پاڪ جي آخري صفحي تي سنياليندڙ
فقير ابوبڪرؒ سندس شهر محمد طور جو لکيل نالو.

٦- ادراڪي بيگلاري، مترجم: خان بهادر محمد صديق ميمڻ. بيگلارنامو
السٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ١٩٧٧ع.
٧- عبدالغني عبدالله
تاريخ سنڌ (پاڳو ٽيون) سومرا ۽ سمان،
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ١٩٧٤ع.
٨- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
سومرن جو دؤر
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو. ١٩٨٠ع
٩- رحيم داد خان مولائي شيدائي
جنت السنڌ
سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد-١٩٥٨ع
١٠- مرزا قليچ بيگ
قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو
حيدرآباد ١٩٢١ع. (ٻيهر ڇپايل سنڌي ادبي بورڊ)
١١- پروفيسر محبوب علي چنا
مڪلي ٽڪريءَ جو سير
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو ١٩٨٧ع.
١٢- لسان العرب ابن منظورالا فريقي
دار صادر، بيروت
١٣- حسن عميد، فرهنگ عميد
موسه انتشارات امير الڪبير تهران- ٢٥٣٦.
14- M. H Panhwar, Chronological Dictionary of Sindh Institute of Sindhology, University of Sindh, Jamshoro.-1983
15- Henry cousens, The Antiquities of Sindh, Oxfor University Press, Karachi 1975.

16- M. Ishtiaq Khan, Archaeology of Sindh, Department of Archaeology and Musums, Karachi- 1975.

17- F. A. Khan, Archaeology, No. 2. Department of Archoeology & Museums, Karachi, 1956.

18- J. Abbott, Sindh. Al-Biruni, Lahore, 1978.

19- Eliot & Dawson, The History of India vol. 1, Islamic Book Service, Lahore, 1976.

20- M. R. Haig, Indus Delta Country, Indus Publactions, Karachi, 1872.

21- F. Steingass, A Comprehensine Persian-Englsh Dictionary, Sung-e-Meel Publications, Lahore, 1977.

# صوفي شاهه عنايت شهيد

## ڊاڪٽر نواز علي شوق

ٻارهين صدي هجري وارو عرصو سنڌ لاءِ سورن ۽ مصيبتن وارو دور هو. مغلن جي حڪومت ڪمزور ٿي چڪي هئي. نتيجي ۾ مغلن جا گورنر جلدي تبديل ٿيندا ٿي رهيا. ان دور ۾ سنڌ واسين ۾ هڪ ٻئي لاءِ بغض ڪينو، ساڙ وڌي ويو هو. مغلن جي گورنرن جا ظلم، زميندارن جون زيادتيون ۽ ڏڪار اهي سڀ مصيبتون اچي سنڌ تي ڪڙڪيون هيون. علامه دائود پوٽي مرحوم ڪهڙو نه صحيح لکيو آهي ته: "ان وقت نتيجي جو ناظم لطف علي خان معزول ٿي چڪو هو ۽ سنڌس جاءِ تي نواب اعظم خان دهليءَ ٻاران مقرر ٿيو هو. سنڌس اٽڪل چئن سالن جو عرصو اهل سنڌ لاءِ نحوست جو زمانو هو. هڪ ته ملڪ ۾ سخت ڏڪار پيو ۽ ٻيو ته ان ۾ حق شناس حضرت شاهه عنايت الله جي شهادت جو واقعو پيش آيو"(۱).

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته شاهه شهيد جي سوانح ۽ سندن ڪارنامن بابت سڀ کان گهڻو ۽ معياري ڪم سيد حسام الدين راشدي مرحوم ڪيو. "شاهه عنايت شهيد جي سوانح جا ماخذ" ۽ "سنڌ جو پهريون زرعي سڌارڪ"- سندن اهي ٻئي مقالا هن سلسلي ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. ان کان علاوه ٻيا به ڪتاب ۽ چند مقالا لکيا ويا آهن، پر اڃا گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي چاڪاڻ ته سندن خليفن ۽ طريقت جي سلسلي بابت وڌيڪ کوجنا جي ضرورت آهي.

---

(۱) مضمون ۽ مقالا: ڊاڪٽر دائود پوٽو ص-۲۵۸ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد- ڀٽ شاهه سال ۱۹۷۸ع.

ڪڇ ڀڄ جي راجا جي خاندان مان ڪيائون، جنهن مان ڪين هڪ فرزند ڄائو، جنهن جو نالو شاه خليل الله هو(١). جيڪو شاه عنايت جي شهادت وقت پنهنجي ناناڻن ۾ هو. جتان پوءِ ايران ويو. ٻين شادي ٺٽي جي مخدوم اسماعيل(٢) جي ڌيءُ سان ڪيائون، ان مان ڪين ڪو اولاد ڪونه ٿيو. چوٿين شادي ٺڪرن سوڍن جي گهراڻي مان ڪيائون، جنهن مان ڪين ٻه فرزند ٿيا: پير عزت الله شاه ۽ پير سلام الله شاه. والد جي شهادت وقت پير عزت الله شاه موجود نه هو ۽ پير سلام الله شاه ڇهيني سوا جو معصوم ٻار هو. سندن ولادت شهادت واري سال ٿي هئي.

## طريقت جو سلسلو:

مير علي شير قانع 'طومار سلاسل' ۽ 'معيار سالڪان طريقت' ۾ شاه شهيد جو جيڪو طريقت وارو سلسلو ڏيکاريو آهي، تن ٻنهن ۾ فرق آهي. پير حسام الدين شاه راشدي لکيو آهي ته "متئين سلسلي ۽ ان کان اول واري سلسلي ۾ فرق آهي، جيڪو غور ڪرڻ ۽ تحقيق ڪرڻ

---

(١) شاه خليل الله جو ذڪر فقط "انيس المساڪين" ۾ موجود آهي. باقي ٻئي ڪنهن تذڪره نگار سندن ذڪر ڪونه ڪيو آهي. 'انيس المساڪين' ۾ ڄاڻايل آهي ته شاه خليل الله هميشه لاءِ ايران رهيو. اتي سندس ڪيترائي مريد هئا. نادر شاه ۽ احمد شاه دراني سندن عقيدت مند هئا.

(٢) مير قانع سندن متعلق لکيو آهي ته: فضيلت جي شهرت اوري پري اٿس ۽ مثنوي ڏاڍي شوق سان پڙهندو آهي، پنهنجي مرشد (شاه عنايت رح) جي ارشاد تي، سندس انتقال بعد دهلي ويو ۽ شاه غلام محمد وٽان رهيل امانت هٿ ڪري موٽي آيو. هن وقت سندس جهڙو صوفي ٺٽي ۾ ٻيو ڪونه آهي. بحواله: "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"، سيد حسام الدين شاه راشدي، ص: ٣٣٤.

ڪُرسي ناما ڏنا وڃن ٿا، تہ جيئن پڙھندڙن کي بيدل سائين جي شاہ شهيد سان محبت ۽ تاريخي ڄاڻ جو اندازو ٿي سگھي.

يارب بحرمت شہ کولين مصطفيٰ
يارب بحرمتِ شہِ مردان مرتضيٰ
يارب بحرمتِ شہ شهداء کربلا
يارب بحقِ زين عبا صاحبِ علا
با حرمتِ محمد باقر امام دين
با حقِ جعفر و شہ کاظم علي رضا
با حق شيخ کرخي معروف پاک دل
با حق شيخ سري سقطي شہ ہدا
با حرمتِ جنيد کہ بغداد جاي اوست
با حق شيخ شبلي بوبکر مقتدا
با حق شيخ عبدالواحد شہ يمن
کو چون سهيل تالتہ برچرخ کبريا
با حق رہبر دين عبدالله اکملي
کش بود تکيہ گاہ بطرطوس منجلا
با حق علي محمد يوسف کہ قريشي است
با حق ابي سعيد کہ پير است رہنما
با حرمت علو مرتب جنابِ غوث
با حق قطب عبدالرزاق مهتدا
با حق شاہ سيد ابي نصر محي الدين
با حرمتِ محمد سيد بصد غنا
با حرمت آنکہ سيد موسيٰ است نام او
با حرمت امير حسن شاہ مجتبيٰ
با حق سيد احمد جلي و شافعي
با حق بهاؤ الدين شہ ارض و سما

با حق شیخ شاهی ملتان مسکنش
با حق شاه عبدالملک اعظم اولیا

با حق عنایت الله صوفی شهید حق
با حق شاه جان محمد شہ اصفیا

با حق شیخ پاک غلام رسول امر
با حرمت غلام محمد شہ صفا

با حق شاه عبدالوهاب قادری
ما راز جمله جلو تگو شان شان نما

طریق ثانی

احمد علی و حسن و شہ زین عابدین
باقر و امام جعفر و کاظم و علی رضا

معروف کرخ و سری سقطی و جنید شیخ
بوبکر شبلی و عبدالواحد شہ صفا

عبدالله و محمد یوسف و ابو سعید
غوث کریم و عبدالرزاق مهتدا

بونصر دبیر محمد موسی وشہ حسن
احمد بهاؤالدین شہ ارض و سما

زان بعد شیخ شاهی عبدالملک بود
زان پس عنایت الله هادی سوی خدا

جان محمد ست و غلام رسول پس
مقتول حق غلام محمد بصر علا

زان بعد گرد عبدالوهاب قادری
ارشاد طالبان بسوی مقصد بقا

با حرمت وحید شهید فرلگ عشق
و حضرت عنایت الله سلطان اصفیا

قصیده تاریخ شهادت صاحبان گریمان شهیدان حضرت میران پور
بمع بعضي احوال آن جناب قدس الله روح

شهنشاهي قدم عرش آستالي
همای عشق قدسي آشیالي

ز قید جسم جسمالي مقدس
مجسم نور در عالم عیالي
وجود لاتعین بي تنزل
شهود ذات بحث و کاشالي
با سم الله معالي شد عنایت
براي امر بي جسمي چو جالي
ظهور آورد و چون در خط کون
شده جویائي راه لامکالي
چو موسي بحر خضر وقت خود بست
کمر صدق ارادت برمیالي
سفر کرد و بملتان مالد یک سال
بهر مجذوب شیخ مستعاني
بارشادش بملک دهکن آمد
ببرهان پور رسیده جالفشالي
بشه عبدالملک گشته ملاقي
سراغي یافت زان مرلهالي
به تشریف ولایت گشته ممتاز
مرخص شد بر شدت طالبالي
بوقت رخصتش شمشیر داده
بفرمود اینک وقت امتحالي
بدین شمشیر خواهي رتبه یافت
که رشک آرلد باتو عارفاني


تجديد تاريخ شهادت صاحب كربلا شهيدان حضرت ميران پور
بر بعضي احوال آن جناب قدس الله سره و افاض علينا

چو دل سال شهادت جست گفت
شهيد حق ميران شد زماني

فقير محمد محسن "بيڪس" جي هٿ اکرين لکيل بيدل جي قصيدي جو پهريون ۽ آخري صفحو.



حضرت شاھ عنايت شهيد جو مقبرو.

بلطف و رحمت شاه شهيدان
شوي در زمره اش از خاصگالي
ولي بايد كه وقت آزمايش
نباشي از كرامت حرف خوالي
نسازي يك سرموئي تصرّف
بياد آري مصيبت سابقالي
وصيت شاه و بذرفت و بكوچيد
بدهلي آمد آن سلطان جالي
شدند آنجا ز ساداتش مريدان
فيوضي يافتند از شهنشاهي
و ز انجا شد روان سوي خراسان
بعقبش فوج فوج سالكالي
و ز انجا رهگرا گر ديد و آمد
بملك خود بغر و اصلالي
هلال آسا چوطي كرده منازل
بگشته بدر بس روشن روالي
بارشاد خلايق بسكه بكشاد
لب تلقين لطر فيض نهالي
علوي يافت غوغائي تصرف
خوارق عاداتش الدر جهاني
بسوي حضرت او ميد و يدند
طلبگاران حق از هرمكاني
ز ملايان حسد سرزد چو دهدلد
نبردش اژدهام از مردمالي
بسحرش نسبتي دادند از بغض
چو هريكي از رسل را كافرالي

بحاکم سنده عباسي نمودند
ز سطوت خسروانـ او بيالي
بشور آمد والي از دست جودش
نگشته منصرم اين قسم شالي
نوشتند از هجوم خلق بسيار
سوي فرخ سير شه جاهلالي
براشفت از مكاتيب حسودان
بترسيد از قضائي بيكمالي
مبادا ملك او درويش گيرد
بپنديشيد نادان سنت جالي
فرستاده مدد عباسيان را
كه تا ريزند خون جان جهالي
چوشد افواج اعداد مستعد جنگ
بمشتاقان بگفت آلـد دل ستالي
كه اي ياران همه تا دست بسته
بپا باشيد در صف امتحالي
كه اين خود ناز محبوب حقيقي است
نوازش عين بهر عاشقالي
فقيران دست بسته در صف جنگ
بكلي منتظر آن اخترالي
گشاده دست فوج اهل طغيان
بقتل قوم از خود رستگالي
بالدک مدت اين خرقه ببر كرد
قبائي خاص قرب جاودالي
هزاران در عدد بودند ليكن
فكنده سر بپائي قاتلالي

چو نوبت شاه والا جاه آمد
بپانزده شخص باقي مالدكاني
بمسلخ عشق از زالو در آمد
نشسته راجي آن سژدكاني
رسيده قاتلي بيرحم چون شمر
بغرقش زد دوسه زخم گراني
نگشته كاركر آن هرسه زخمش
بران پير طريقت راز داني
بگفتندش توان تيغم بدست آر
كه تا باشي بزوري كامراني
به پيشش ده درست زر نهادند
كه دست مزد تست اداني
پس افتادند ساجد بيخوداز
سراپا محو نور بي نشاني
هري كو گوهر تاج قدم بود
جدا كرد آن سرسنگين دلاني
چو از امر شهادت شيخ پرداخت
كمر بسته بقتل ديگراني
پس از نزع رو اهنا ذكر ذاتي
شده پيدا از پير و پيرواني
سرهرو سوار نيزه كردند
شده ٦ امري بعيده ٩ را بياني
به تهتر چون رسيد آن سر مبارك
شنيده خلق زد نطق عياني
بعقب سر مبارك ميرو يدند
ز معتقدان گروه جانفشاني

همي رفتند راهي تارسيدند
بدهلي پيش شاه مفسدالي
چون آن مغرور مال و جاه ديده
سر سرور شده بس شادمالي
دو كس برخاسته از مجلس او
كه بودند از گروه طالباني
دو سيد صاحب وجدو محبت
زدندش تيغ هاي جالستاني
چو اختر دهلي آمد درهبوطي
شد آن سعدين را باحق قرالي
سر سرور رسانيدند درسنده
بصد عزو كرامت دوستالي
چو در ميران پور آمد راس اشرف
ابو شد ماتم اندر خادمالي
سر پيوست با جسم مطهر
درون روضه رشك جناني
چو دل سال شهادت جست جان گفت
شهيد حق همو مرشد زمالي
سنه ١١٣٠ھ

## سر مبارڪ جون ڪرامتون:

شاه عنايت کي شهيد ڪري جڏهن سندن سر مبارڪ ٺٽي کڻي آيا تڏهن اتي سر مبارڪ جو گشت ڪرايائون. ٺٽي جو هڪ فقير، جيڪو مذاڻين مان هو رهندو هو، تنهن سر مبارڪ ڏسي چيو ته:

پير پريان جي پڙ م، ڪنهن چيئي ته پاه

هڪدم سر مبارڪ جواب ڏنو ته:

عمر يست که قصه منصور ڪهن شد

ڀائي خان، عالم خان، نظاماڻي ڪرم علي جلالاڻي، دلو فقير لاشاري گنداواهه وارو، عطر فقير لاشاري گنداواهه وارو ۽ لورڪ فقير جلالاڻي.

سندن وصال ٢٧ جمادي الثاني سنه ١٢٤٣هه ۾ ٿيو. سندن وصال جي قطعه تاريخ فقير قادر بخش بيدل هن ريت چئي آهي:

تاريخ وصال سرتاج صوفيان آگاهه
حضرت مولانا شاهه فضل الله قلندر قدس سره

چو حضرت شاهه فضل الله صوفي
قلندر وقت سلطانِ معالي
زهي مشهد تجلياتِ بيچون
زهي مظهر فيوضاتِ عيالي
زهي ساقي که درميخانه عشقش
هزاران مست از جام نهالي
نگاهش مهتدي را موصلِ ذات
ز فيضش منتهي در ڪامرالي
مڪمل و مرشد و سرتاجِ خاصان
برون زد خيمه زين معمار فاني
مدار السلطنت هاهوت جانش
نشسته برسريرِ جاوداني
بجستم سالِ معراجش دلم گفت
موحد عين منصور ثاني

سنه ١٢٤٣هه

## سندن خليفا:

حضرت شاهه شهيد جا ٤٠ خليفا هئا، جن مان ١٥ گهڻو مشهور آهن. سڀني ۾ وڏو مير جان الله شاهه رضوي هو. هتي انهن مان ۽ خليفن جو مختصر طور ذڪر ڪيو وڃي ٿو.

۱- مير جان محمد شاهہ: وڏو عابد زاهد هو. بهترين خطاط هو. قرآن مجيد لکي ان جي اجوري مان گذر سفر ڪندو هو. سندن هزارين مريد هئا، جن مان ميان بالر علي شاه بڪار وارو ۽ شاه عبدالنبي ڪندا واهہ وارو، غلام رسول پٺاڻ ۽ شاه عبدالوهاب شاه گهڻو مشهور آهن: فارسي زبان جو بلند پايه شاعر هو. سندن ديوان ۱ ديوان مير ۲ ۽ سندن پوٽي جان الله شاه عاشق جو ۲ ديوان عاشق ۲ سندن پوين وٽ محفوظ آهن. ديوان مير تي محمد اسحاق ابڙي صاحب فارسي ادب ۾ ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي.

شاه صاحب کي ٽي فرزند هئا: الهرکيو شاه، مير قلندر علي شاه ۽ مير منور علي شاه. فقيري واري امانت مير قلندر علي شاه کي ملي. شاه صاحب ۱۱٦۷ھ ۾ هيءُ مٽيءَ جو ملڪ ڇڏي وڃي مالڪِ حقيقيءَ سان مليو. فقير قادر بخش بيدل سندن وفات جي قطع تاريخ هن ريت چئي آهي!

تاريخ وصال صاحبان ڪريمان مير جان الله قدس سره

سيد سادات سلوڪ و صفا
خارق عادات عقول و هنا
گل زگلستاني لبي و ولي
شمع شبستان شہ ڪربلا
جان محمد رضوي بهکري
غوث زمان زبده آلِ عبا
قادري و صوفي مهدي و دهر
صاحب ارشاد ڪثير العطا
لصد هر بيت ز ديوانِ او
منزل سالڪ ره دين و هدا
خطۂ لاسوت از و بهره ور
محفل ملڪوت از و پر ضيا

جوش بجروت ز اجلال اوست
یافته لاهوست ز داتش بقا
جرعه فیضش به تحیر فزود
باده کش ساغر با هوت را
گشت چو پیراسته در ملک ذات
مسند هاهوت از ان بادشا

جان طلب از سال عروجش نمود
مرشد وقت و قطب آمدندا،
۱۱٦٧ھ

### ٢- شاه عبداللطيف ٺٽوي:

هيءُ پنهنجي وقت جو وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. شاه اسماعيل صوفي ۽ علامه محمد معين ٺٽوي جو گهرو دوست هو. موسيقي جو ماهر هو. فارسي زبان جو سٺو شاعر هو "مشهوري ڪان پڇندڙ ۽ وڏين ڪرامتن جو مالڪ هو."(١) شاه سلام الله تر ڏٺي ڪي هن فقير فيض پهچايو هو.(٢)

### ٣- شاه عبدالڪريم ٺٽوي:

هن خليفي شاه شهيد جو روضو مبارڪ جوڙايو. روضي جو ڪم گهڻو ڪري رات جو هلندو هو. اهل بيت پڻ عقيدت مان چولي جون تغاريون ڍوئيندا هئا. اهي سيد ٺٽي ۾ صوفي سيد سڏبا آهن.(٣)

### ٤- محمد اسحاق:

هيءُ فقير نصرپور جو ويٺل هو. روحل فقير ڪنڊڙيءَ وارو سندن اولاد مان آهي.(٤)

---

(١) تذڪره مشاهير سنڌ جلد ٽيون. مولانا وفائي، ص ٨٣ سنڌي ادبي بورڊ، سنه ١٩٨٦ع.

(٢) انيس المساڪين قاضي غلام مهدي (قامي) ص ٦٥.

(٣) (٤) ايضاً ص ٦٦.

## ٥- محمد صديق پيڙن وارو:

هيءُ ذات جو لاڪو هو ۽ هالا تعلقي جو وينل هو. ميڙي جي شروعات هن خليفي جي رت سان ٿي. پوء هر سال ميلو لڳندو رهيو، جيڪو اجا تائين لڳندو اچي.

## ٦- خواجہ عبدالله عرف حاميد:

هيءُ اجمير وارن بزرگن مان هو. هن خليفي دهلي جي حڪمران ڪان پروالو وٺي صوفين جي مارڻ ۽ ' يا الله ' چوڻ وارين پابندين ۽ ڦهري قانون منسوخ ڪرايا. سنڌ اچي شاه عزت الله شاه کي گاديءَ تي وهاريو. (١)

## ٧- سليمان هندي:

هيءُ خليفو پنج سؤ هندي فقيرن سان حضرت صوفي صاحب سان گڏ هند کان سنڌ آيو هو، ۽ سليمان هندي سڏبو هو. وڏو بهادر انسان هو. رياضتون ڪري وڏي مقام تي پهتو. ١١٣٠هه ۾ پنهنجي مرشد سان گڏ شهيد ٿيو.

## ٨- اڊن اوراهہ وارو:

هيءُ ذات جو سمون هو. وڏيون رياضتون ڪيائين. اڪثر ٻڪريءَ جي تازي کل وٺي بدن تي پائي ڇڏيندو هو. اڄ ڏينهن اها کل چڙهي پئي هولدي هيس.

## ٩- شاه اسماعيل نئوي:

سندن اصل نالو اسد الله هو. حضرت صوفي صاحب جو پيارو خليفو هو. صوفي صاحب کي پنهنجي پيڻ جو سنگ ڏنو هئائين. مقالات الشعراء ۽ تحفة الڪرام ۾ سندس احوال آيل آهي. مولانا

(١) انيس المساڪين قاضي غلام مهدي، (قلمي) ص ٦٨.

وفائي تذڪره مشاهير سنڌ ۾ لکيو آهي تہ: شاه اسماعيل وقت جو هڪ وڏو بزرگ ڪرامتن ۽ وڏي ڪمالات جو مالڪ هو... شاه عنايت الله صوفي جهوڪ واري سان دوستي ۽ اخلاص جا گهاٽا تعلقات هوس.(١)

(١) تذڪره مشاهير سنڌ (جلد ٽيون)، مولانا وفائي، ص ٨١ – ٨٢، سنڌي ادبي بورڊ، سنہ ١٩٨٦ع.

